ڊاڪٽر گل حسن لغاري

”گرجي نانہ “

هڪ تعارف

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌي، فارسي، عربي، انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين تي دسترس رکندڙ عالم، محقق ۽ شاعر هو . سنڌي ادب کي شاهوڪار بڻائڻ ۾ مرزا صاحب جو وڏ ۾ وڏ ۽ مثالي حصو آهي.

مرزا صاحب پنهنجن وڏڙن جي زبان فارسي ۾ شعر و سخن جو تہ شهنشاهہ هو، پر فارسي نثر جي مختلف ڪتابن مان سندس چونڊ تحريرون، اڃا تائين سندس ڪتبخاني جي زينت بڻيل آهن .

”گرجانامہ “، سندس خاندان جي فارسي شاعرن جي ڪلام تي مشتمل مجموعو آهي، جنهن ۾ سندس فارسي ڪلام بہ شامل آهي.

هيءُ ڪتاب محترمہ خانم فائزه زهرا مرزا، ليڪچرر فارسي، گورنمينٽ خواتين ڪاليج مارگله (اسلام آباد) جي محنتن، تصحيح ۽ مقدمي سان، انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان، اسلام آباد مان تازو شايع ٿيو آهي . هن اهم ۽ ناياب ڪتاب ڪي منظر عام تي آڻڻ جي لاءِ رهبري ڊاڪٽر محمد حسين تسبيحي ڪئي آهي.

”گرجي نامہ“ جي نالي جي نسبت، خود مرزا صاحب پنهنجي اصل نسل ۽ وڏن ڏانهن منسوب ڪئي آهي. ۽ پاڻ پنهنجي ڪتاب ’سائو پن يا ڪارو پنو‘ ۾ لکي ٿو تہ ”منهنجو نانو ۽ پيءُ، ٻيئي اصل جارجيا يا گرجستان جي گاديءَ جي هنڌ تفلس شهر جا ويٺل هئا . اُتي ڄاوا هئا، تنهنڪري ”گرجي“ يا ”جارجين“ سڏبا هئا ۽ اسين سندن اولاد اڃا تائين ”گرجي مرزا“ سڏبا آهيون“

”گرجي نامہ“ ۾ جن شاعرن جو ڪلام مرزا صاحب گڏ ڪيو آهي، اُنهن ۾ اول مرزا خسرو بيگ گرجي جا طبعزاد اشعار آهن، جن ۾ غزليات، مقطعات و مثنويات، مفردات، رباعيات ۽ قصائد شامل آهن . سندس تخلص ”خسرو“ آهي. ”بياباںِ پر گل“ جي عنوان سان پنهنجي هڪ غزل ۾ ”دل“ يا ”قلب“ جي ڪيفيت بيان ڪندي چئي ٿو:

قدر دل دانستنت واجب بود،

اين دلست اما محبت منزل است،

نيست در غربت کسي حامي مَرا،

حاميم گرهست صاحب دلدل است،

"خسروا" من گِريه کَردم آنقدر،

کز سر شکم اين بيابان پرگل است.

يعني: دل جي قدرداني (شناس رکڻ) ڄاڻڻ توتي واجب ٿئي ٿي. هيءَ دل آهي، پر مقصد ۽ منزل محبت آهي، ڪير به غربت (بي حالي ۽ درماندگي) ۾ منهنجو مددگار ۽ حامي نه آهي . جيڪڏهن ڪو به نگهبان ۽ پشتيبان آهي ته اهو صاحب دلدل (حضرت علي عليه السلام) آهي. اي خسرو! مون ايتريقدر ته گِريه ڪيو (ڳوڙها ڳاڙيا) جو منهنجي ڳوڙهن ڳاڙڻ جي پاڻيءَ مان هي بيابان گلن سان ڀر ٽي ويو.

مرزا خسرو بيگ ڪانپوءِ مرزا فريدون بيگ "قانع" جا چوند شعر، غزليات، رباعيات ۽ سَجعون ڏنل آهن .

هڪ رباعيءَ ۾ حضرت علي علي ه السلام کي خدا تع الیٰ جي الهام جو خزانو قرار ڏئي ٿو . الهام، اُها ڪيفيت يا حالت آهي، جنهن کي رب تعالیٰ پنهنجي طرفان ٻانهي جي دل ۾ تلقين جي صورت ۾ وجهي ٿو. هو چئي ٿو:

اي مظهر اَسرار الاهي ست علي

واي محرم راز مصطفايي ست علي

از بي بصري نمي شناسي ذاتش

گنجينهءِ اِلهام خدايي ست علي.

يعني: حضرت علي عليہ السلام اَسرارِالاهي جو مظهر آهي ۽ حضور ﷺ جن جي نزديڪي ۽ قرب جو رازدان (محرم) آهي. افسوس، جو سندس ذات مقدس کي انڌائي جي ڪري نٿو سڃاڻين، حالانڪ حضرت علي عليہ السلام خدا تعالیٰ جو الهام جو خزانو آهي.

ٻي هڪ رباعيءَ ۾ ڇوٽڪاري ۽ نجات جي يقين جو اظهار ڪري ٿو. الله تبارڪ و تعالیٰ جي رحمت، بخشش ۽ سندس سخا ۾ پختي يقين سان چئي ٿو:

بر چهرهٔ معصيت غباري داريم

اَزکردهٔ خويش شرمساري داريم

چون بجود و عطاي تو بجويد مارا

باجرم و گناه رستگاري داريم.

يعني: اي رب تعاليٰ! اسان جو چهرو گناهن ۽ ڏوهن جي غبار سا ن ڀرپور آهي ۽ پنهنجي ڪيل بدعملي ۽ بدڪرداري جي ڪري شرمسار آهيون . (تنهن هوندي بہ) جڏهن تنهنجي سخا ۽ (خطائن تي) عطا اسان کي ڳوليندي تہ ڏوهن ۽ گناهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪنداسين.

مرزا فريدون بيگ "قانع " ڪانپوءِ مرزا قليچ بيگ پنهنجي اشعار کي "قليچ" جي تخلص سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ غزل بہ آهن ۽ هر هڪ غزل کي عنوان ڏنو آهي . مرزا خسرو بيگ "خسرو"۽ مرزا فريدون بيگ "قانع " بہ ساڳي روش سان غزل چيا آهن ۽ رباعين ۾ بہ عنوان ڏيئي رباعيون لکيون آهن .

"گرجي نامہ" ۾ سندس پهرين غزل "بگذار با دانشوران " ۾ آهي تہ دانشورن کي پاسيرو رک، حقيقت شناس ٿيءُ، سلوڪ ۽ عرفان جي مردن واپر راهہ اختيار ڪر، مڪر ۽ فريب سان شعر و سخن کي سينگاريندڙ دانشورن کي ڇڏي ڏي ۽ فضول بحث و تڪرار وارن کي پنهنجي حال ۾ رهڻ ڏي . "قليچ" چئي ٿو:

منديش کز شاخ مراد، آخر بر شيرين خوري،

ديدي کہبا رنج و تعب، حاصل چہ شد فرهاد را،

ازگفتۂ مردانِ ره، رمز حقيقت را گزين،

تزويزکم بينان برد، تقليد بي بنياد را،

اُفتي "قليچ" از کَجر وي، همچو الف آزاد شو

بگذار با دانشوران، تکرار سين و صاد را.

يعني: اُها سوچ نہ رک (اُميد نہ ڪر) تہ مقصد ۽ مراد واري ٽاريءَ مان آخرڪار مٺو ميوو کائيندي ن (حاصل ڪندين). تو (خود) ڏٺو تہ ايڏي رنج ۽ عتاب جي هوندي بہ فرهاد کي ڇا حاصل ٿيو؟

(عرفان و سلوڪ جي راهہ اختيار ڪندڙ) مردن جي واڻ جي گفتار مان حقيقت جي رمز اختيار ڪر . ڪو تاهہ نظر وارن جي مڪر ۽ فريب واري راهہ، بي بنياد پيروي ڪندڙ ڏ انهن وٺي ويندي . اي "قليچ" تون غلط ۽ خطا واري واٽ (ڪَجروي) تي هلڻ جي ڪري ڪِري پئين . اُنهن (بي بنياد تقليد ڪندڙ) دانشورن جي سين ۽ صاد واري بحث و مباحثي (تڪرار) کي ڇڏي ڏي.

قليچ هڪ ديندار، غير متعصب، نيڪ انديش ۽ صوفي منش انسان هو ۽ اهل بيت اطهار جي محبت سان گڏ اصحاب ڪرام جي احترام ۽ عظمت جو پورو پورو قائل هو . هو ”پناهِ عشق“ جي عنوان سان پنهنجي هڪ غزل ۾ فرمائي ٿو:

”قليچ“ اندر پناهِ عشق تو هرگونه شد ايمن

نبي ؐ اينجا علي ع اينجا جناب هشت و چار اينجا.

مرزا صاحب ڪي مسلمانن جي پسماندگي ۽ ڪمزوريءَ جو شديد احساس هو. هو ترڪ سلطانن جي زوال ۽ جنگين کان متاثر ۽ فڪرمند هو . هن ڪي دين اسلام جي ڪاميابي لاءِ گهڻي کان گهڻو اونو هو . ترڪن جي ناڪامي ڪي اسلام لاءِ هڪ خرابي ۽ خطرو ڄاڻائي ٿو . هن ”گرجي نامہ“ ۾ ”دعاي صبحگاهي“ (صبح جي دعا) ۾ پنهنجي اندر جي احساسن جو اظهار ڪيو آهي ۽ اسلام جي روز افزون ترقيءَ دعا بہ ڪئي آهي. فرمائي ٿو:

مسلمانان عجب شوريست کاين دورِ قمر دارد

غبارفتنہ و غوغاي محشر سربہ سر دارد

شهان رابا شهان آوَخ فتوي درميان آمد

بهبند غم گرفتار است هر کو اين خبردارد

خيال خام درس شد رئيس روس را پيدا

زفرطِ بي حيايي ناکسانۃ کَر و فرادرد

اگر سلطانِ تر کان اين ظفر يابد يسي بهتر

وگرنۃ دين اسلام از خرابيها خطر دارد

بکوشيد اي عزيزان وقت ياري و مدد اين است

ببيند آنچہ گويم هرکهاو نور بصر دارد

اِلاهي رونق اسلام روزا روز افزون باد

کہ دين مصطفٰی صہ لاَبدَ حمايت بيشتر دارد

”قليچ“ از درگهداور سحر گاهان دعا مي خواه

دعاي صبحگاهي گفتہ اند اغلب اثر دارد.

يعني: اي مسلمانو! هيءُ عجيب ۽ حيران ڪندڙ گوڙ ۽ گهمسان، جيڪو زماني جي گردش ۾ رکيل آهي، اُن ۾ فتني، شر، گمراهي ۽ شور سان قيامت جهڙو غلغلو سماعيل آهي . افسوس، جو مسلمان فرمانروائن (سلطانن) کي پاڻ سستي، ڪاهلي ۽ آرام سپندي وڪوڙي ويئي آهي، جنهن کي به اها خبر پهتي (بادشاهه پاڻ فقط عيش و آرام ۾ آسوده آهن) سو انهيءَ حالت جي ڪري غم ۾ مبتلا آهي، روس جي [تڏهوڪي] صدر کي مسلمانن جي خلاف ذهن ۾ ناقص ۽ بيڪار خيال پيدا ٿيو آهي، جنهنڪري هو پنهنجي نااهليءَ ڪري، رعب تاب ۽ ڏام ڏوم رکي ٿو. جيڪڏهن ترڪن جي سلطان کي فتح نصيب ٿئي ٿي ته زياده بهتر آهي، ورنه دين اسلام لاءِ خرابي ۽ خطرو موجود آهي . اي عزيزو! (پيارا مسلمانو!) ڪوشش ڪريو، دوستي ۽ ياري جي مدد جو هي وقت آهي، جو ڪجهه آئون چوان ٿو، اُنهيءَ تي اکيون کوليو. جيڪڏهن اوهان اکين جي ديد رکو ٿا . اي رب تعالىٰ! اسلام جي رونق روز بروز ترقي ڪندي ۽ روشن ٿيندي رهي، ڇو ته دين مصطفىٰ ﷺ جي حمايت لازماً زياده تر ۽ اٽتر آهي . اي "قليچ"، رب تعالىٰ جي درگاهه مان صبح سويري دعا گهرندو رهه، (ڇو ته) چون ٿا ته صبح سويري واري دعا گهڻو اثر رکي ٿي. (قبول ٿئي ٿي).

هي مرزا صاحب جي فارسي شاعريءَ جو هڪ سرسري جائزو آهي، ڇو ته "قليچ" غزليات، رباعيات،تاريخ ها وفات – خاندان "گرجي" ۽ مير صاحبان، مثلاً مير حسين علي خ ان ٽالپر وعيره به لکيا آهن . ٽنڊي ٺوڙهي جي مسجد جي تعمير جي تاريخ، اخبار "الحق" جي اجراءَ جي تاريخ، ڪڪڙ شهر جي حالتن جو احوال به فارسيءَ شعر ۾ موجود آهي.

مرزا صاحب فارسي، سرڪي، اردو، ترڪي، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ به شعر چيو آهي. اهڙيءَ ريت سا ڳيو فارسي غزل ترڪيءَ ۾ به ملي ٿو. شاديءَ جا دعوت ناما فارسي منظوم لکيل آهن

مرزا صاحب هر سال پنهنجي وفات جي تاريخ (مادهء تاريخ) لکندو هو. اُنهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته "قليچ" موت کي هر وقت ياد رکيو. موت اصل ۾ مؤمن جو حق سان وصال آهي. فقيري ۽ درويشيءَ جو ڇتو ٿاه ڄاڻ آهي. فنا کي فنا سمجهڻ ۾ ئي بقا آهي. حقيقت ۾ ضرورت بقا جي آهي ۽ هيءُ سمورو جهان ۽ هر شيءِ "فنا" ۾ داخل آهي. انسان کي اُهوئي ڪجهه ڪم ايندو جيڪو "فنا" کي پاسيرو رکي "بقا" ڏي ڪاهيندو. علم و دانش ۾ "بقا" جي اهيمت آهي. دنيا ۾ رهي دنياداريءَ جي معاملات کي نباهڻ ۽ انسانيت جي

پاسداري ۽ نگهباني ۾ رب تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ٿئي ٿي. ”گرجي نامہ“ جي مطالعي مان اهي سموريون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون.

”قليچ“ جي فارسي ڪلام ۽ گرجي خاندان جي ٻين نيڪنام ۽ باوقار بزرگن جي منظوم شهپارن ۾ تاريخ، ثقافت ۽ سنڌ جي وسريل حالتن جي نشاندهي ٿئي ٿي. ”گرجي نامہ“ فارسي شاعريءَ جي صورت ۾ سنڌجو هڪ ”تاريخي ۽ تحقيقي دستاويز“ آهي، جنهن جو ڳوڙهي مطالعي جي ضرورت آهي. محترمه فائزه زهرا مرزا (بنت محترم اعجاز علي بيگ مرزا) کي جس هجي، جنهن پنهنجي ڏاڏي شمس العلماء جو هيءُ قيمتي خانداني دستاويز، نهايت سليقي سان ايڊٽ ڪري وڏي اهتمام سان شايع ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب شعر و ادب ۽ سخن جو بي مثال شاهڪار آهي .

باش ساکن اندرين محرابِ رندان اي ”قليچ“

زانکهبرآيد اَزين درگههزاران کام ها.